عبداللطيف انصاري

# سنڌي طنز ۽ مزاح واري ادب ۾ رشيد ڀٽيءَ جو ڪردار


***Abstract:***

*Rasheed Bhatti is a great name in the world of sindhi humors and satire. He has a great taste of humor and satire. He never uses superficial, coarse and substandard humor. His humors is so delicate, attractive and scholarly that we hardly see such qualities in other humorists.*

*One of the specialties of his humor is that he directs his criticism on his self and the characters. His presentation is in the forms of dialogues rather than narration. He adds colors and charm through creating scene. He takes the commonplace incidents of daily life as a source of his humor.*

*His dialogues are very sophisticated and light. The subject of his humor and satire are fabricated and symbolic. Although the uses plain aphoristic, explicit and direct sentences. Yet he satirizes real men through fabricated and symbolic characters. He uses symbolic characters in the finest way. He draws the attention of his readers to the aim through references and symbols. The ordinary readers generally overlook the details. The subject of his humor is apparently vague which an ordinary readers feel it difficult and hard to understand the real motive of his humor and satire.*


**طنز** بنيادي طور تي عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مهڻو، ٽوڪ، چٿر، ناز نخري سان ڳالهه ڪرڻ جي عادت، طعنو، ٺٺول وغيره ڪرڻ. ادبي اصطلاح ۾ طنز اهڙي لکت کي چئبو آهي، جنهن ۾ سماج ۾ موجود انفرادي توڙي اجتماعي نوعيت جي خرابين، بڇڙائين، عيبن ۽ اوگڻن تي ٽوڪ ٽيل هجي. انهن خرابين کي تنقيد جو شڪار بنائڻ وقت ٿوري گهڻي چٿر کان پڻ ڪم ورتو ويندو آهي.

طنز جو بنياد ۽ مرڪز انساني معاشرو آهي. ڪٿي ڪٿي انفرادي طور تي طنز جو استعمال بہ ٿئي ٿو ، پر طنز جي اعليٰ ۽ بهترين سطح اجتماعيت ۾ آهي. معاشري جي بڇڙاين، خرابين، ڪمزورين ۽ حماقتن کي مزاحيہ انداز ۾ پيش ڪرڻ جو مقصد حقيقت ۾ معاشري کي سڌارڻ هوندو آهي، ادب ۾ طنز تحرير ڪرڻ ۾ هميشہ





شائستگيءَ کان ڪم وٺڻ ضروري هوندو آهي. اعليٰ اخلاقي قدرن کي هٿان بہ نہ ڇڏڻ گهرجي. گار گند ۽ ذاتيات کي نشانو نہ بنائڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اها لکڻي طنز نہ بلڪ گارگند ۾ شامل سمجهي ويندي. طنز انساني معاشري جي اهڙن باشعور، باضمير، با اخلاق ۽ حساس دل رکندڙن جي رد عمل جو نتيجو هوندو آهي، جيڪي سماج جي بي واجبين، خرابين ۽ بڇڙاين کان چڙيل هوندا آهن. پر پنهنجي شريف النفس ذهن ۽ سوچ سبب ڪجهه چوڻ کان لاچار هوندا آهن. تڏهن ئي اهي طنز جي وسيلي اظهار ڪندا آهن. يعني رمز ۽ اشاري ۾ سڀ ڪجهه چئي ڇڏيندا آهن، جنهن سان سندن طنز جو شڪار ٿيل فرد يا معاشرو چڙندو بہ ڪونہ آهي ۽ ڳالهه جي ڳالهه بہ ٿي ويندي آهي. طنز ذريعي معاشري جي بيمارين جو علاج اثرائتي طريقي سان ڪري سگهجي ٿو. اصل ۾ طنز ۽ تنقيد بنيادي طور تي معاشري ۾ موجود خرابين لاءِ هاڃيڪار آهن، نہ ڪي معاشري ۾ موجود صحتمند روين لاءِ. طنز معاشري جي ناسورن کي ختم ڪرڻ لاءِ لاپائتو ۽ ڪارائتو هٿيار آهي. جنهن جي مدد سان پراڻي کان پراڻو ناسور بہ خوش طبعي ۽ وڻندڙ انداز سان ختم ڪري سگهجي ٿو.

مزاح جي معنيٰ آهي راحت، خوش طبعي، زنده دلي وغيره. مطلب هي تہ ڪنهن عمل، خيال، صورتحال، واقعي يا جملي جي لڪيل پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان مان لطف ماڻڻ کي مزاح چئجي ٿو.

انساني زندگيءَ ۾ ڪجهه اهڙا مرحلا ايندا آهن جڏهن سندس زندگيءَ جون تلخ حقيقتون ۽ يادگيريون کيس جهوري ڇڏينديون آهن، اهڙيون زندگيءَ جون ڪڙيون حقيقتون ڪڏهن ڪڏهن انسان جهڙي اڏول ساهواري کي پنهنجو انت آڻڻ تي پڻ مجبور ڪنديون آهن. اهڙي صورتحال ۾ ورتل انسان کي ڪنهن سهاري جي ضرورت پيش ايندي آهي. کل، ڀوڳ يا چرچي جو احساس اهڙي انسان کي وري هن رنگين دنيا ۾ موٽائي آڻڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اهڙي قسم جو احساس کيس هن دنيا جي ڏکن ڏاکڙن، اهنجن، آهن ۽ ڏکن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. کيس منجهائيندڙ دنيا ۾ بہ سگهاري سوچ پيدا ڪرڻ لاءِ ماحول فراهم ڪري ٿو. سندس زندگيءَ جي ڏکيائن کي سؤلو بڻائي ٿو.

مزاح ادب جي جان آهي. مزاح جي حِس ڪنهن نہ ڪنهن طريقي يا انداز سان هر حساس دل رکندڙ انسان ۾ ٿئي ٿي. جنهن کي هو وقت بہ وقت اظهار جو ذريعو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بٽائيندو ٿو رهي. اهڙي اظهار سان هو ۽ سندس ٻڌندڙ خوشگواريت جو احساس محسوس ڪندا آهن. معاشري ۾ موجود زندگيءَ ۾ مزاح ذريعي خوشگواريت اچي وڃي ٿي. زندگي هڪ مسلسل ۽ اٽانگي سفر جو ٻيو نالو آهي، جنهن ۾ انسان کي نئون بنو ٿيڻ لاءِ مختلف جاين تي ساهي پٽڻي ٿي پوي. مزاح به انهيءَ ساهيءَ مثل آهي، جو انسان کي اڳتي جي سفر لاءِ همت ۽ حوصلو فراهم ڪري ٿي. انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ آيل ڏکن کي وساري ڪا گهڙي مُرڪي وري پنهنجي زندگيءَ جي رڻ جهڙي سفر کي اڳتي وڌائي ٿو. مزاح ئي انساني زندگيءَ جي ڪڙين حقيقتن کي ٿڌي ڇانوَ جهڙو روپ ڏئي ٿو.

## طنز مزاح جو فن ۽ رشيد ڀٽي:

انسان جي نفسيات ۾ سنجيده ۽ غير سنجيده ٻئي رويا شامل آهن. هو ڪڏهن کلندو يا مُرڪندو آهي، ڪڏهن ٿهڪ ڏيندو آهي ته ڪڏهن داخلي ۽ خارجي اثرن سبب اداس ۽ پريشان رهندو آهي. انسان پنهنجو ردعمل ڏيکارڻ يا پنهنجي ڳالهه کي سمجهائڻ خاطر، انهن ٻنهي روين مان ڪم وٺندو آهي. هو پنهنجي مزاحيه فقرن ۽ جملن ذريعي پنهنجي ڳالهه کي سولائي سان بيان ڪري ويندو آهي. مزاح ۽ طنز ۾ ڪنهن حد تائين افسانوي رنگ ۽ مبالغه آرائي کان ڪم ورتو ويندو آهي. انسان پنهنجي شعور جون ارتقائي منزلون طيءِ ڪندي ڪندي، ڪن اهڙين سماجي حالتن جي وڪڙ ۾ اچي ويندو آهي، جڏهن هن لاءِ سچ چوڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. سماج جي حاڪميت جي واڳ اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آهي، جو علم وارن لاءِ سچ چوڻ ڦاهيءَ تي چڙهڻ برابر ٿي پيو آهي.

سنڌ جي روايتي شاعريءَ واري دؤر ۾ شمس الدين بلبل کي مزاح جو ابو آدم ڪوٺيو ويو، جنهن سنڌي ادب ۾ هڪ ئي وقت پنهنجي نثر توڙي شاعريءَ وسيلي زبردست مزاح پيش ڪري اعليٰ مقام حاصل ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي طنز و مزاح واري فن ۾ تبديلي آئي. سياسي توڙي سماجي تبديلين سبب مزاح کان وڌيڪ طنز لکي وئي آهي. طنزيه لکڻين جو ڪارج صرف وندر کان ڦري زندگيءَ جي مختلف شعبن مان برائين ۽ خراب روين جي پاڙ پٽڻ هو. ستر واري ڏهاڪي ۾ طنز ۽ مزاح جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ رشيد ڀٽيءَ کي اعليٰ مقام حاصل آهي. هن دؤر ۾





رشيد ڀٽيءَ کان سواءِ نور عباسي، علي احمد بروهي، حليم بروهي وغيره جا نالا صحتمند طنز ۽ مزاح واري ادب ۾ ڳڻيا سگهجن ٿا.

علي احمد بروهي جي طنز ۽ مزاح جي لکڻ جو انداز انفرادي حيثيت جو حامل هو. علي احمد بروهي گهڻي عرصي تائين هلال پاڪستان ۾ ’واٽ ويندي‘ جي عنوان هيٺ مزاحيه ڪالم لکندو رهيو. اهي ڪالم اصل ۾ مزاح تي ٻڌل هئا، جن ۾ پڙهندڙن لاءِ هلڪي ڦلڪي تفريح جو سامان پڻ موجود هو.

علي احمد بروهيءَ جي لکڻين تي ان دؤر جي سماجي توڙي سياسي حالتن جو گهڻو اثر نه هو. هو هڪ الڳ انداز ۽ اسلوب وارو مزاح نگار هو، جيڪو حالتن جي تبديل ٿيڻ جو محتاج نه هو.

علي احمد بروهيءَ زبردست قسم جا طنز ۽ مزاح سان ڀرپور خاڪا پڻ لکيا، جيڪي طنز ۽ مزاح واري ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا، جيڪي ’ڄام، ڄاموٽ ۽ ڄامڙا‘ نالي ڪتاب جي صورت ۾ آهن. سنڌي طنز ۽ مزاح واري ادب ۾ علي احمد بروهيءَ جي قد ڪاٺ جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ هيٺيون مثال ئي ڪافي آهي :

”ماما.... ڀلا شيطان کان ڌارو ڪيئن ڪجي؟““ ڀاڻيجا تون ڪهڙي خفي ۾ پيو آهين، شيطان غريب ته آهي الله جو دربان. جيئن اسان جو ’مانگر‘ ڪنهن اوپري کي واڙي ويجهو ئي نه ڇڏي. ابا الله آهي ڏاڍو مڙس. ڪنهن جي مجال جو سندس حڪم اورانگهي. پر سمجهه ڪٽي ته پاڻ ۾ نهيل نه آهن. پاڻ پرچندا ته تون ۽ مون کان پڇندا ڇا؟ اسين ويٺا پنهنجي پر وڃايون.“ (١)

حليم بروهي پڻ رشيد ڀٽيءَ جو همعصر مزاح نگار آهي. سندس لکڻين ۾ اعليٰ نموني جو طنز و مزاح ملي ٿو. حليم بروهيءَ ان دؤر جي سياسي توڙي سماجي حالتن جي حوالي سان طنز ۽ مزاح وارا ڪالم لکيا آهن. حليم بروهيءَ هلال پاڪستان ۾ ڪالمن جي سلسلي ’ڪچهري‘ ۾ ’علامه ڳالهير‘ جي نالي سان ڪالم لکيا. سندس ڪالمن ۾ ان دؤر جي حالتن سبب پيدا ٿيندڙ سياسي ڇڪتاڻ جو ذڪر نهايت بي باڪيءَ سان ٿيل آهي. ون يونٽ جي ڦهري دؤر جي خلاف حليم بروهيءَ بهترين ڪالم لکيا آهن. حليم بروهيءَ ٤٧ طنز ۽ مزاح سان ڀرپور ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. جن ۾ چٽر ذريعي سماج ۾ موجود ناڪاري روين خلاف بغاوت جو اعلان هو. حليم بروهي پنهنجي هڪ ڪهاڻي، ’الله جي ڳولا ۾‘ لکي ٿو ته :



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”مون کي الله جي ڳولا هئي. مون کي الله ۾ تمام ضروري ڪم هو. الله کي ٻڌائڻو هوم ته سندس خلقيل دنيا ڪجھ غلط قسم جي آهي. مسيت ۾ ملان چيو ته ”بيشڪ مسيت الله جو گھر آهي.“ پر آخر به مسيت چو ويران آهي. ويرانيءَ ۾ الله جو ڪهڙو ڪم؟“ (٢)

رشيد ڀٽي پنهنجي هن دؤر جي طنز ۽ مزاح جو وڏو نالو هو. هو اعليٰ قسم جي طنز ۽ مزاح جو ليکڪ هو. سطحي ۽ غير معياري طنز سندس لغت ۾ ئي نه آهي. رشيد ڀٽيءَ طنز ۽ مزاح کي ايترو ته دلڪش، پُر اثر ۽ عالماڻو بڻايو، جيڪو سنڌي ادب جي ٻئي ڪنهن اديب وٽ نه ٿو ملي.

علي احمد بروهيءَ، رشيد ڀٽيءَ کي سکر جي تاريخي ماڳ مڪانن وانگر سکر جي سڃاڻ ڪوٺيو آهي. هو ڀٽيءَ کي زنده ولي ڪوٺي ٿو، جو سدائين خوش ڪلمڪ رهندو آهي :

” سکر تاريخي آثارن کان مشهور شهر آهي، جهڙوڪ : ساڌٻيلو، معصوم شاھ جو منارو، ستين جو آستان، بکر ۽ زنده پيرُ. زنده پيرُ هر دؤر ۾ الڳ الڳ نالن سان سڏيو ويو آهي. درياھ شاھ، ورڻ ديوتا، اڏيرو لال، پير طاهر، خواجا خضر، جهولي لال ۽ جند پيرُ وغيره. سکر ۾ زنده پير اڄُڪلھ رشيد ڀٽي آهي. جو جيئرو جاڳندو ولي آهي.“ (٣)

سکر جي زنده پير، رشيد ڀٽيءَ بابت نجم عباسي لکي ٿو ته ، ”جيڪڏهن ڪنهن ساهتي ميڙ ۾ آيلن جي پيڙ ڏسو، ته پڪ سمجھو ته ان ميڙ جي ’ڪوٽ ڪاغذ‘ ۾ تقرير ڪندڙن ۾ رشيد ڀٽي يا علي احمد بروهي يا ٻنهي جا نالا ڏنا ويا آهن، ۽ جڏهن اهڙي ميڙ ۾ ٻڌندڙ پاڻ کي ايترو وساري ويهن، جو ڪيسي مان ڪير ڀتون ڪڍي وڃين ته به خبر نه پوين، ۽ پوري توجھ سان ڪن ڪڙا ڪيو ۽ اکيون سامهون لڳايو ٻڌندا هجن، هنن جي چپن تي مُرڪون هجن ۽ ٿوري ٿوري وٿيءَ کان پوءِ هنن جي وات مان ٽهڪن جا نغارا وڄندا هجن ته پڪ سمجھو ته تقرير ڪرڻ وارو رشيد ڀٽي يا علي احمد بروهي آهي.“(٤)

نثري ادب جي دنيا ۾ گهڻو ڪري اديب پنهنجي ادبي تخليق جي شروعات سنجيده افسانوي ادب سان ڪندا آهن، چاڪاڻ ته سنجيده ادب جي تخليق، طنز ۽ مزاح کان وڌيڪ سؤلي آهي. پر رشيد ڀٽي ’لوڪ لهوارو وهي ، تون اوچو وهُ اوپار‘ مثال





پنهنجي تخليقي فن جي شروعات ئي طنز ۽ مزاح سان ڪئي. هو لکي ٿو ته :

”مون فڪشن جي شروعات طنز ۽ مزاح سان ڪئي، ان طرز ۾ ڪڙي ۾ ڪڙي ۽ سخت ۾ سخت ڳالھ به آسانيءَ سان، اشاري ۾ بنا ڪنهن جوکم جي، دلچسپ انداز سان پيش ڪري سگھجي ٿي. اصل ’نانگ به مري ۽ لٺ به بچي‘، ان ڪري ئي مون سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي معاملن ۽ واقعن کي مزاحيه ۽ طنزيه مضمونن ۽ افسانن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سياسي ۽ ثقافتي مسئلن کي پيش ڪرڻ لاءِ ان صنف کي صحافت ۾ ڪالم نويس طور واپرايو اٿم. منهنجي اوائلي دؤر جا افسانا ۽ ’صبح سنڌ‘، ’هلال پاڪستان‘ ۽ ’برسات‘ جا ڪالم ان جو ثبوت آهن.“ (٥)

رشيد ڀٽيءَ طنزو ۽ مزاح سان ڀرپور افسانا ۽ ڪالم لکيا. ان کان سواءِ رشيد ڀٽيءَ طنز ۽ مزاح سان ڀرپور شاعري پڻ ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ اهي خاص پيروڊيون پڻ موجود هيون ،جيڪي هن مختلف شاعرن جي تخليقن کي سامهون رکي ڪيون، جن ۾ شيخ اياز ۽ مفتون همايوني خاص طور تي شامل هئا.

## رشيد ڀٽيءَ جي افسانن ۾ طنز و مزاح :

رشيد ڀٽيءَ جي افسانن جو مجموعو ’سياري جي رات ‘ طنز ۽ مزاح سان ڀرپور آهي. هن مجموعي جا اڪثر سڀ افسانا طنز ۽ مزاح ۾ لکيل آهن. رشيد ڀٽيءَ ’سياري جي رات‘ ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان مزاح ذريعي معاشري جو سماجي، سياسي ۽ نفسياتي مسئلن چيد ڪيو آهي. ’سياري جي رات ‘ مجموعي جا ڪردار منفرد نموني جا آهن. خاص طور تي ’حنيف ڪاري‘ جو ڪردار رشيد ڀٽيءَ جي مجموعي جو مستقل ڪردار آهي. رشيد ڀٽيءَ هن ڪردار وسيلي سماج جي نفسيات کي وائکو ڪيو آهي. حنيف ڪارو ڪلٽو ملٽو پر پنهنجي رنگ وانگر شيام هرنائيءَ (رشيد ڀٽيءَ جي افسانن جو ٻيو مستقل ڪردار) جو رقيب روسياھ آهي. حنيف ڪارو، هڪ اسڪول ۾ ماستر آهي، سندس ذهن تي هر وقت عشق جو ڀوت سوار رهي ٿو. رشيد ڀٽيءَ سندس ڪردار جي عجيب و غريب تصوير چٽي آهي :

”سندس اوطاق تي هڪ ايم.اي جي ڊگري فريم ٿيل لٽڪي پئي هوندي آهي، جنهن لاءِ چوندو آهي ته سندس جي آهي. ڏندن، اکين، ويهن ننهن کان سواءِ سڄو سارو هڪ رنگو ۽ بي داغ آهي. هن اڻ مٽ مشڪي ڪلر جوان جي هابي عشق آهي.“(٦)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

افسانو 'سچ' افسانن جي مجموعي 'سياري جي رات' جو پهريون افسانو آهي، طنز ۽ مزاح سان ڀرپور هي افسانو سچ جهڙي خطرناڪ عمل جو عڪاس آهي. افساني جو ڪردار پنهنجو پاڻ سان هڪ پورو ڏينهن سچ ڳالهائڻ جو وچن ٿو ڪري. بسم الله برغلط وانگر صبح جو نيرن جي ٽيبل تي ڪيس سچ ڳالهائڻ جي پهرين سيڪٽ تي مليس. جڻ هن لاءِ ان ڏينهن جو سج تڪليفن ۽ سُورن جو سانباهو ڪري نڪتو هو.

افساني ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته صحيح ۽ سچ جي رستي تي هلڻ سان پنهنجا به پراوا ٿي وڃن ٿا. سچ جي آئيني ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي اندر جي تصوير نظر اچي پئي.

هن افساني جا طنز ۽ مزاح وارا جملا نهايت سادا ۽ ٺيٺ معنيٰ رکندڙ آهن، "درجن کن لترن جو ديدار ڪرڻ بعد هڪ تلوار ڪٽ بوٽ پسند ڪري بها پڇيائين." جهڙا مزيدار جملا پڙهندڙ جي ادبي روح جي تسڪين ڪن ٿا، ڪن پل لاءِ دنيا ۽ مافيها کان بيگانو ڪري سونهن ۽ خوشيءَ جي سنسار ۾ وٺيو وڃن ٿا.

افساني ۾ ڏيکاريل آهي ته سچ ڳالهائڻ ڪري ڪيئن نه مٽ مائٽ، يارن دوستن، مطلب ته سڀ ڪنبي ۾ ڪيس ذلت برداشت ڪرڻي ٿي پوي. سندس سچ تي ڪوبه سرهو نه ٿو ٿئي. هو سوچي ٿو ته هڪ ڏينهن جي سچ ڳالهائڻ تي ڪيس ايتري ذلت ٿي برداشت ڪرڻي پئي ته پوري زندگي سچ ڳالهائڻ تي الائجي ڪهڙا ۽ ڪيترا عذاب ڀوڳڻا پوندا.

افساني ۾ معاشري ۾ موجود خرابين جو اصل سبب سامهون آندو ويو آهي. رشيد ڀٽيءَ پنهنجي افساني 'سچُ' ۾ معاشري جي مجموعي طرح نفسيات بيان ڪئي آهي، هن افساني ۾ سچ ڳالهائڻ ڪري هو گهر وارن کي ناراض ڪري ٿو ڇڏي، چانهه بابت سندس طنز وارو مزاحيه جملو، "هون! بلڪل بيڪار! هيءَ به ڪا چانهه آ!؟ جهڙو حقي جو پاڻي!" (٧) پڙهندڙن کي اصل ٺهڪ ڏيڻ تي مجبور ٿو ڪري. سندس سچ چوڻ کان پوءِ جو منظر (After Shocks) وري اهڙي انداز سان بيان ٿو ڪري جو پڙهندڙ مرڪڻ کان سواءِ رهي ئي نه ٿو سگهي. سندس مزاحيه جملو ڏسو، جنهن ۾ هن زبردست قسم جون تشبيهون، ترڪيبون ۽ مزاحيه منظر ڪشي ڪئي آهي:

"پوءِ ڪا خبر نه پئي ته ڇا ٿيو. ايترو سو ڏٺم ته پاپي ڪرسي ريڙهڻ کان سواءِ چُوھ مان اٿي. ڪوئيٽا وارو زلزلو اچي ويو. ادا کي ڪوپ سچي هٿ ۾ ته بسي گوڏي





تي سربسجود هئي. ادي ٽيبل کان پريرو ڪپڙن تان چانهه جا ڦڙا ڇنڊي رهي هئي. سندس ڪوپ ساسر هيٺ ڪري سادي سيمنٽ واري فرش تي موزئڪس جو منظر پيش ڪري رهيا هئا. گرم چانهه جي ڪٽلي امڙ جي پيرن تي ڪري، جا: "توبه توبه! امڙ هوش ڪر،" چوندي غسل خاني ڏانهن هلي ويئي. مطلب ته ڪا شيءِ ميز تي نه رهي. شڪر ٿيو جو منهنجو ڪپ پليٽ هٿ ۾ هيا، نه ته منهنجي ڪپڙن جو حشر به اديءَ جي ڪپڙن جهڙو ٿئي ها." (٨)

مٿي ڏنل مثال جهڙا ڪيئي مثال سندس افساني جي زينت آهن. سچ ڳالهائڻ کان پوءِ سماج کان مليل موٽ سبب پنهنجي واعدي تي نظر ثاني ٿو ڪري. هن افساني ذريعي رشيد ڀٽي سماج تي زبردست طنز ڪري ٿو.

افسانو 'مس پرنٽ' پڻ مزاح جو اعليٰ ۽ شاندار شاهڪار آهي. رشيد ڀٽيءَ ننڍين ننڍين ۽ عام کي نظر نه ايندڙ موضوعن کي پنهنجي قلم جي طاقت سان ايترو ته خاص بنايو آهي، جو پڙهندڙ حيران ٿيو وڃي. هن افساني ۾، ڪمپازيٽرن جي غلطيءَ ڪري اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ٿيندڙ اکرن جي مس پرنٽ سبب پيدا ٿيندڙ مزيدار ۽ مزاحيه غلطين کي پنهنجي تحرير جي زينت بنايو آهي. افساني ۾ انهن تحريرن سبب پيدا ٿيندڙ مزاحيه ماحول جي عڪاسي ٿيل آهي. تحرير ۾ هڪ اکر جي هيٺ مٿي ٿيڻ سان معنيٰ ۾ وڏي تبديلي اچي وڃي ٿي ۽ ذهن ڪٿان جو ڪٿي پهچيو وڃي ٿو.

اهڙيون اکرن جون غلطيون (مس پرنٽ) ڪڏهن ڪڏهن مزي ۽ خوشيءَ جو باعث بڻجن ٿيون ته ڪڏهن ڏکن جي دنيا جو سير ڪرائن ٿيون.: مثلاً رشيد ڀٽي هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته :

"ڪالهه هڪ اخبار پئي پڙهيم. هڪ خبر جي مٿئين ۽ چارڪالمي هيڊنگ ڏيان ڇڪرايو.

"سنڌ جو هيلٿ منسٽر اتر سنڌ جي دوري تي." هينيان ٽولين ۾ سب هيڊنگ هئي :

"پيرعلي محمد راشي سکر، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جي اسپتالن جو معائنو ڪندو." مون کان اوچتو عادت پٽاندڙ ٺهڪ نڪري ويا. منهنجي ٺهڪن جي باعث 'راشديءَ' کي 'راشي' بڻائڻ جو سبب اها نياڳي مس پرنٽ ئي اَٿو. ٿيو ڇا جو ڪمپازيٽر کان ڪمپوزنگ ۾ 'ش' پويان 'د' وجهڻ وسري ويو. پروف ريڊر کي به شايد

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پگهار گهٽ يا وقت تي نه ملندي هوندي سو ان به پروف ڏسڻ ۾ بيگار وهي ۽ نتيجي ۾ ’راشدي‘ تي پيو ’راشي‘. هاڻي سمجهان ٿو ته توهان کي سمجهه ۾ اچي ويو هوندو ته مس پرنٽ ڇا آهي. ڪيئن ۽ ڪٿي تي جنم وٺي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪهڙا نتيجا ٿي ڪڍي.“ (۹)

اهڙا ڪيترائي مزاحيه واقعا هن افساني ۾ موجود آهن. رشيد ڀٽيءَ هن افساني ذريعي گهُٽ واري ماحول کي نهايت وڻندڙ انداز سان تبديل ڪري هوادار بڻايو آهي، جنهن ۾ مزاح خوشبوءِ مثل آهي.

افساني جي آخر ۾ پاڻ سان ٿيندڙ هڪ واقعي کي بيان ڪيو اٿس، جيڪو به مس پرنٽ سبب واقع ٿيو:

”مان شروع ۾ پنهنجي مضمونن وغيره ۾ سارو نالو ڳوٺ سميت لکندو هوس، يعني : عبدالرشيد . الور (اروڙ). هڪ پيري ڪنهن ڪمپازيٽر ياءُ جي مهربانيءَ سان ’الور‘ مان ’ر‘ گم ٿي وئي ۽ مان عبدالرشيد ’الو‘ پڙهجڻ ۾ آيس. ان ڏينهن کان پوءِ نالي پٺيان ’الور‘ جو استعمال ترڪ ڪري ڇڏيم.“(۱۰)

## رشيد ڀٽيءَ جي ڪالمن ۾ طنز و مزاح :

رشيد ڀٽيءَ طنز ۽ مزاح وارا ڪالم پڻ لکيا. دراصل اهي ڪالم وندر لاءِ نه بلڪ ان دؤر جي سياسي ۽ سماجي حالتن بابت هئا. رشيد ڀٽي پنهنجي ڪالمن ذريعي سماج ۾ سياسي توڙي سماجي جاڳرتا آڻڻ پئي چاهي. وقت جي حڪمرانن جو سنڌي عوام سان ان دؤر ۾ ٿيل سلوڪ، ٻاهريان آيلن پاران ڪيل ظلمن رشيد ڀٽيءَ جي ذهن کي نهوڙي ڇڏيو هو. رشيد ڀٽيءَ پنهنجي ڪالمن ۾ طنز ۽ مزاح کي سماجي جاڳرتا جو ذريعو بڻايو. رشيد ڀٽيءَ هر ان موضوع تي قلم کنيو، جنهن تي قلم کڻڻ هرڪنهن ليکڪ جي وس جي ڳالهه نه هئي. قوم جي ڀلائيءَ خاطر رياست سان ٽڪراءُ، وڏيرن جو هارين تي ظلم وغيره، سندس خاص موضوع رهيا.

رشيد ڀٽي طنز ۽ مزاح ذريعي ڪالمن ۾ خوبصورت انداز سان ڳوٺاڻن جو ڪليمينٽ، يا شيرواني پهريل ماڻهن کان ڇرڪائڻ ڏيکاريو آهي، جڻ ته اهي انسان نه بلڪ ڪا آفت هجن. درحقيقت هو به ائين. اهي اسان جي سنڌ جي اٻوجهه سادن ماروئڙن لاءِ به منهين بلا وانگر آفت ئي هئا، اهي ڪوڙن ڦهري ڪليمن جي صورت ۾ آفتون ئي





ته هيون، جن مظلوم سنڌي ماڻهن جون خوشيون پل ۾ ڳڙڪائي پيون ڇڏين. رشيد ڀٽيءَ هن ڌرتيءَ جي بيوس عوام جي ڏکويل تصوير کي هن ڪالم جي زينت بڻايو آهي. هن ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته، اهڙي ڪوڙي دعويٰ ۽ ڪليم سبب هن ڌرتيءَ جو هاري ڪيئن نه مختيار ڪاريءَ جا چڪر پيو ڪاٽي، هو سالن کان هندو سيٺين جي قرض ۾ مبتلا رهڻ کان پوءِ نيٺ ان مان آجو ٿيو ته،’آسمان مان ڪريو ته کجور ۾ اٽڪيو،‘ وانگر هڪ ٻي آفت جي منهن پوي ٿو. رشيد ڀٽي لکي ٿو ته :

”پنهنجي اٻوجهه سنڌين جو انهن ڪليمن اهڙو ته نڪ ۾ دم ڪيو آهي، جو رحيم هگوري ۽ لالو بروهيءَ کان به ايڏو نه ڇرڪندا هئا، جيترو هينئر ڪتوليءَ ۽ پرمننٽ سيٽلمينٽ اسڪيم هيٺ نڪتل الاٽمينٽ جي آرڊر کان ٿا ڇرڪن. جي ڪو صوبيدار يا ٽاٽيدار ڳوٺ جي وڏيري جي اوطاق تي آيو ته به اچي حاضري ڀري منهن ڏئي ويندا، باقي جي خبر پوين ته ڪو ڪليمينٽ، شيروانيءَ ۽ ڊبليءَ ٽوپيءَ سان اچي پڌاريو آهي، ته وتندا پاسو ڪندا ۽ پير پيٽيندا ته مولا ان مصيبت مان جان ڇڏائج. پر مصيبت ته ايندي ئي ڪنهن نه ڪنهن کي ڳڙڪائڻ لاءِ آهي. سو پنهنجو ڪم ڪري ويندي آهي ۽ هاري ويچارو وتندو مختيار ڪاريءَ ۽ ڪليڪٽريءَ جا پيرين اگهاڙو طواف ڪندو. سندس حج قبول نه سجدو سجايو! ٻوڙ به هنن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن، ڪٿي ڪٿي ڪو مهيني ڪن لاءِ مصيبت ٿيندي هئي. ماڪڙ جي مصيبت به هاري ناري حياتيءَ ۾ هڪ يا ٻه دفعا سنيري، پر ڪليمن جي آفت ته مٿن گذريل ۲۷ سالن کان لاڳيتو ڪر ڪنيون بيٺي آهي. هندو لهٽيدارن جا قرض ۽ وياجن سوڌو لاهي ۽ ادا ڪري چڪا، پر تڏهن به ريهيبليٽيشن ۽ سيٽلمينٽ کاتن جي مهربانيءَ سان سندن زمينون ڪليمن تي نيڪال ٿي ويون، هنن کاڻ ابو مئو ادو ڇائو، اسان اوتري جا اوترا!“(۱۱)

”اسان جو هڪ دوست آهي، حياتيءَ جي پوئين پهر ۾ پير وجهي چُڪو آهي، سو اڳ بئٽري چارج ڪرڻ لاءِ پنجابي فلمون ڏسندو هو. اڄُڪله اوڏانهن رخ گهٽ اٿس. پڇڻ تي ٻڌايائين ته اڳ ۾ جيڪو ڪم پنجابي فلمن ڏسڻ سان ٿيندو هيو، سو اڄُڪله ٽي.ويءَ تان سنڌي موسيقيءَ جو پروگرام ڏسيو ٿي وڃي.“(۱۲)

مٿي رشيد ڀٽيءَ ٽي ويءَ جي غير سنڌي فنڪارائن جي خود نمائي جي ۽ ظاهري ڏيک ويک جي باري ۾ پنهنجي دوست جي ’بئٽري چارج ٿيڻ‘ واري ڳالهه وسيلي زبردست نموني سمجهايو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رشيد ڀٽيءَ نهايت زبردست نموني سنڌي موسيقيءَ ۽ شاعريءَ سان ٿيندڙ حالتن جو جائزو ورتو آهي. ڪالم ۾ شاعر فتاح ملڪ جي شاعريءَ سان ٿيندڙ ويڌن جو بہ ذڪر خير ڪيو اٿس. فتاح ملڪ ۽ سنڌي موسيقيءَ جي پروگرامن سان ٿيندڙ ويڌن جو مثال ڏيڻ لاءِ هڪ مزاحيہ لطيفو بيان ڪيو اٿس: ”رياست واري دؤر ۾ ڪنهن مرحوم مير صاحب وٽ وڏي راڳ جي محفل مچندي هئي، پري پري جا گويا ۽ ڳائڻا ايندا هئا. هڪ ڀيري راڳ هلندي مير صاحب کي اچي شوق جي گهوڙي ڌڌي ڏني. شايد سوائي سرس چڙهي وئي هيس، سو يڪتارو وٺي پلٿي هڻي، ڳائڻ شروع ڪيائين. ڳائڻ ڇا هو؟ ڪڏهن جايون پئي ڪريون تہ ڪڏهن ڄڻ موٽر اسٽارٽ ٿيڻ کان ڳهُ پئي ڪيو ڪڏهن ٻڪريءَ وارا ٻيڪاٽ هئا، تہ ڪڏهن مرگهيءَ واري جون رڙيون پئي ٻڌڻ ۾ آيون. نيٺ ميرصاحب جي ساهي منجهي تہ يڪتارو رکي پڇيائين: ”ڙي ڪيئين ڳاتميءَ“

سبحان الله! سبحان الله! جا هوڪرا ٿي ويا، ميراثين ۽ درٻارين ساراهہ ڪري ڪري زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. هڪ مقرب خاص، جنهن کي ڪجهہ گستاخ ٿيڻ جي رعايت حاصل هئي، ماٺ رهيو. مير صاحب کان سندس سانت نہ سَٺي. سو رڙ ڪري چيائينس: ”تو ڀي آک ني!“

”قبلا! جان دي امان پاوان تي عرض ڪران.“ مقرب خاص چيو.

”امان ائي ڙي، آک جو ڪجهہ آکڻا ائي.“ ميرصاحب روايتي فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي چيو.”سائين اي سڀ تہ پئي ٺَلهي خوشامند ڪريندي هن. سچ اهو هوي، تہ ڳائيندي تسان پئي او، مون ڪالا اسيڏا پيا ٿيندا اي!“(١٣)

رشيد ڀٽيءَ ڪالم ذريعي طنز ۽ مزاح ۾ ڪڙي کان ڪڙي حقيقت بيان ڪرڻ کان ڪڏهن نہ لنوايو آهي. هن ٽي.ويءَ وارن جي سنڌي ثقافت سان ازلي وير سبب سنڌي موسيقيءَ سان ٿيل حالت بابت قلم ڪنيو آهي. اهڙن پروگرامن سبب ذوق وارن جي دلشڪني ٿئي ٿي. بقول رشيد ڀٽيءَ جي تہ: ”پروگرام ڇا ڏئوسين، ڄڻ پيڻ ماءُ تي گاريون پئي ڪاڍيونسين.“

## رشيد ڀٽيءَ جي طنز ۽ مزاح واري شاعري :

رشيد ڀٽيءَ معياري نثري طنز ۽ مزاح کان سواءِ معياري طنز ۽ مزاح واري





شاعري پڻ ڪئي آهي، جيڪا سماج ۾ موجود ناڪاري روين تي زبردست چٿرهئي. رشيد ڀٽي ان کان سواءِ مختلف مشهور نظمن جون پيروڊيون پڻ لکيون، جيڪي هو پنهنجي دوستن جي حلقي ۾ ويهي ٻڌائيندو هو. جن مان ڪجهہ پيروڊيون مختلف رسالن ۾ پڻ ڇپيون.

سندس پيروڊين ۾ مزاح وارو پهلو هئڻ باوجود زبردست مقصديت بلڪل واضح آهي. اصل ۾ پيروڊي لکڻ جو مقصد بہ اهو آهي تہ مزاحيہ نموني پڙهندڙن کي هڪ صحتمند پيغام ڏجي، جيڪو سندن ذهنن تي گهڻي وقت تائين اُڪريل رهي.

رشيد ڀٽيءَ مشهور شاعر نياز همايونيءَ جي هڪ گيت جي پڻ پيروڊي ڪئي آهي، جنهن ۾ مقصديت جو پهلو گهٽ پر مزاح جو پهلو نهايت نمايان آهي. سندس پيروڊيءَ ۾ چيل وائيءَ جا ڪجهہ شعر هيٺ ڏجن ٿا :

تنهنجي دنيا حسين مجسم،
مون وٽ نہ بوٽ نہ فل سوٽ الا!
منهنجي دنيا خيران ساران ..... تنهنجي دنيا نيلم شبنم،
مون وٽ بوٽ نہ فل سوٽ الا!
تنهنجي دنيا سم جو پاڻي ..... منهنجي دنيا آب زم زم،
مون وٽ نہ بوٽ نہ فل سوٽ الا!
تنهنجي دنيا پينگ جا ڪوندا..... منهنجي دنيا وسڪي جن رم،
مون وٽ نہ بوٽ نہ فل سوٽ الا!

(رشيد ڀٽيءَ جي ذاتي
ڊائريءَ تان ورتل پيروڊي)

رشيد ڀٽيءَ شيخ اياز جي هڪ غزل جي پڻ پيروڊي ڪئي. رشيد ڀٽيءَ جي سمورين پيروڊين مان هيءَ پيروڊي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پيروڊيءَ ۾ زبردست ۽ حقيقي احساس شامل آهن. پيروڊيءَ جو مثال ڏسو :

وري ياد آيا ٻهانا اوهان جا،
هي ماما اوهان جا هي نانا اوهان جا.
مون ڏاڙهي ڇڏي ۽ ڪنئي ساڻ تسبيح،
ڏسي ناز هي ڪافرانا اوهان جا.

اسان جي حياتي ته نيڙهي پڌعيدن،
هي پيرس، هي لنڊن ويانا اوهان جا.
اسان آهيون هڪڙي ٽڪي جا گداگر،
رپيا آڏيون پائليون ۽ آنا اوهان جا.
اسان بوبڪي پينگ تي ڪيون گذارو،
اوهان جا صبوح باده خانا اوهان جا.
اسان چرس پي ٽا خلائن ۾ پهچون،
هي راڪيٽ چڙهه باردانا اوهان جا.
اسان هانوَ جهل ڪيون، پکوڙن تي پائي،
هي ڪڪڙيون ۽ ڪڪڙين جا آنا اوهان جا.
(رشيد ڀٽيءَ جي ذاتي ڊائريءَ تان ورتل پيروڊي)

رشيد ڀٽيءَ جو طنز و مزاح جو اسلوب پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ادب سندس ذهني شغل ۽ زندگي آهي. طنز ۽ مزاح سندس طبع جو محور آهي ۽ سندس جياپي جو دارومدار ئي ان غذا تي اٿس. هو تمام گهٽي ذميواريءَ ۽ ايمانداريءَ سان سماج جي اهڙن موضوعن جي چونڊ ٿو ڪري، جيڪي عام طور تي قدامت پرست اديبن لاءِ اڇوت وارا آهن. هو معاشري جي خرابين توڙي سٺاين کي بهترين انداز ۾ ادا ڪرڻ ۾ ماهر آهي. رشيد ڀٽيءَ جي طنز ۽ مزاح واري انداز ۾ نهايت خوبصورتي، لطافت ۽ خوش مزاجي شامل آهي. سندس طنز جا نشتر تمام تيز آهن، جن سان هو سماج جي اوڻاين، ڪمزورين ۽ اونداهن پاسن جي پاڙ پٽيندو رهندو آهي. رشيد ڀٽي پهريان طنز ٿو ڪري بعد ۾ ان کي مزاح جو روپ ڏئي، معاشري جي منهن تي مرڪ ٿو پکيڙي. سندس طنز ۽ مزاح ۾ بيپناهه مقصديت شامل آهي، جنهن سان هو معاشري جي نئين سر اڏاوت ٿو ڪري. سوچ کي وسيع کان وسيع تر بڻائي ٿو، ۽ نئين نسل جي تربيت ٿو ڪري. رشيد ڀٽيءَ جي طنز ۽ مزاح جو انداز، مزاح جو حقيقي فن آهي. هو ڪٿي ڪٿي پنهنجي مزاح ذريعي ٺهڪ ڏيڻ تي مجبور ٿو ڪري ته ڪٿي ڪٿي معاشري جي ناسورن تي طنز ڪري دل ڏکائي ٿو ڇڏي ۽ پڙهندڙ قوم جي سورن تي سڏڪا ٿو ڀري.

رشيد ڀٽيءَ جي شخصيت عام طور تي سنجيده ۽ رعبدار نظر ايندي هئي، جنهن جي پويان لڪل ڪلمڪ ۽ ٺهڪ ڏيندڙ شخصيت هروقت موجود رهندي هئي، ان





ڳالھ جي بلڪل ابتڙ رشيد ڀٽي پنهنجي لکڻين ۾ طنز ۽ مزاح جا تير وسائي ٿو پر ان طنز ۽ مزاح جي گهرائيءَ ۾ قوم جي پيڙا، سماجي ۽ سياسي صورتحال جي ابتريءَ بابت پريشاني هر وقت رهي ٿي. رشيد ڀٽيءَ جي افسانن جي مجموعي، 'سياري جي رات' بابت، ڪتاب جي مهاڳ ۾ علي احمد بروهي لکي ٿو ته :

"هن ڪتاب جي فيچرس ۽ افسانن ۾ رشيد ڀٽيءَ جو ڀڪندڙ ۽ مرڪندڙ چهرو، اسان اڳيان بي نقاب ٿئي ٿو، جو هونءَ سندس سنجيده مهاندي پنيان لڪل رهي ٿو." (١٤)

رشيد ڀٽيءَ جي طنز ۽ مزاح جي نمايان خوبي اها آهي ته هو هڪ ئي وقت پاڻ کي توڙي پنهنجي مزاحيه ڪردار کي مزاح جو نشانو ٿو بڻائي. سندس انداز بيان، بيانيه هئڻ بجاءِ گهڻو ڪري مڪالمن تي ٻڌل آهي. يا پوءِ منظر نگاريءَ ذريعي مزاح کي پر لطف بڻائي ٿو. رشيد ڀٽيءَ گهڻو ڪري عام ۽ روزمره جي واقعن ذريعي سماج کي طنز جو نشانو بنايو آهي. سندس گفتگو نهايت شائسته ۽ هلڪي ڦلڪي هوندي آهي. رشيد ڀٽيءَ جي مزاح جو موضوع گهڻو ڪري علامتي ڪردار ئي آهن. جيتوڻيڪ هو صاف، چٽو ۽ کليو چوڻ جو عادي آهي، پر طنز ۽ مزاح جي مقصد خاطر هن ڪيترن ئي علامتي ڪردارن جو سهارو ورتو آهي ۽ خوب نباهيو آهي. هو پڙهندڙن جو ڌيان ڪجهه اشارن ۽ ڪناين سان اصل مقصد ۽ موضوع طرف وٺي وڃي ٿو، جنهن طرف عام ۽ سطحي مطالعي سان پڙهندڙ جو ڌيان نه ٿو وڃي. رشيد ڀٽيءَ جي مزاح جا موضوع ڪجهه مبهم ضرور آهن، جنهن ڪري عام پاڙهندڙ کي صحيح نموني اندازو لڳائڻ ۾ ٿورو وقت لڳي ٿو.

رشيد ڀٽيءَ جي لکيل هڪ هڪ سٽ پنهنجي قوم جي روشن آئيندي جي اميد آهي، سندس دل ڪومل ۽ حساس ۽ سندس احساس نازڪ طبيعت جي غمازي ڪن ٿا. جمال ابڙو لکي ٿو ته :

" رشيد ڀٽي هڪ اهڙو اديب آهي، سندس مانيٽي طبيعت جي تحت، مٽي متي مهراڻ جون ڇوليون ۽ لُڙَ لهرون آهن. سندس طنز ۾ پيار ۽ سندس مُرڪ ۾ لُڙڪ آهن. هن اکرن ۾ جان پري آهي. جن ۾ ساهه آهي، جن ۾ رنگ آهي. منجهن سندس حساس ۽ ڪومل دليءَ جو نچوڙ آهي." (١٥)

رشيد ڀٽي پنهنجي طنز ۽ مزاح کي وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ لاءِ مختلف ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مروج اصطلاحن جو استعمال ڪري ٿو. پنهنجي افسانن جي مجموعي، ’سياري جي رات‘ ۾ تہ ’جديد سنڌي ادبي لغات‘ جيان طنز ۽ مزاح سان ڀرپور اصطلاح ڏنا اٿس، جي سنڌي طنز ۽ مزاح واري ادب ۾ اعليٰ مقام رکن ٿا. هو اصطلاحن جي چونڊ نهايت برجستي انداز ۾ ڪري ٿو، يعني، رشيد ڀٽي موقعہ شناس آهي. هو موقعو ملڻ تي اهڙي قسم جا اصطلاح ڦهڪائي ڏئي ٿو، جو پڙهندڙ بي اختيار ٽهڪ ڏيڻ يا مرڪڻ تي مجبور ٿيو پوي. رشيد ڀٽي سماج جي انتهائي ڪڙي حقيقتن کي بہ مزاح جي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هو ٻوليءَ جي شگفتگيءَ کي وڃائي نہ ٿو، پر ان کي وڌيڪ ڪان وڌي، پُراثر ۽ شگفتہ بنائي ٿو. هو سماج جي اهم معاملن تي طبع آزمائي ڪري ٿو، ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍڻ جو رشيد ڀٽي انتهائي ماهر آهي. رشيد ڀٽي ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍي پڙهندڙ کي اصل مقصد طرف وٺي وڃي ٿو. هو هڪ دم Climax طرف نہ ٿو وڃي پر هوريا هوريان، ڪلندو ڪلائيندو مقصديت ۽ معنويت جي منزل تي پهچي ٿو.

رشيد ڀٽيءَ جي دوستيءَ جو دائرو انتهائي وسيع هو، ڇئي سگهجي ٿو تہ انسان پنهنجي شعور کي پنهنجي ذات ۾ محدود ڪري ارتقائي منزلون طي ڪندو مقصديت ۽ منزل تائين نہ ٿو پهچائي سگهي، ڪيس پنهنجي چوڌاري دوستن، عزيزن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. رشيد ڀٽيءَ بہ پنهنجي ويجهن دوستن کي علامتي ڪردار بڻائي معاشري ۾ موجود اوڻائين جو ذڪر ڪيو آهي. هن معاشري جي اهڙين بيمارين تي طنز ۽ چٽر ڪئي آهي، جيڪي گهڻو ڪري عام جي نظرن کا لڪيل رهن ٿيون. رشيد ڀٽيءَ جي اهڙن موضوعن تي قلم کڻڻ ڪان پوءِ ئي عوام انهن سماجي بيمارين کان آگاهہ ٿئي ٿو. طنز ۽ مزاح لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، جنهن لاءِ تمام گهري مشاهدي ۽ اڀياس جي گهرج پوي ٿي. رشيد ڀٽيءَ وٽ اهي ٻئي خوبيون ٻي انداز موجود آهن. هن کي خبر آهي تہ سماج ۾ ڪيترو ۽ ڪهڙي حد تائين طنز برداشت ڪرڻ جو مادو آهي. رشيد ڀٽي هڪ اهڙو مزاح نگار آهي، جيڪو عوام جي ذهنن ۽ جذبات کي مجروح ۽ ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ بنا ڪاميابيءَ سان عوام کي پنهنجي مقصديت طرف وٺي وڃي ٿو. اهڙي قسم جو مزاح لکڻ لاءِ سماج جي گهري مشاهدي ۽ نبض شناسيءَ جي ضرورت هوندي آهي. رشيد ڀٽِي پنهنجي تخليقن ۾ طنز ۽ مزاح، صرف ۽ صرف معاشري جي اصلاح لاءِ استعمال ڪري ٿو. هو پنهنجي مزاح ذريعي، سماجي جي ڪڙين حقيقتن کان پڙهندڙ کي آگاهہ ڪري ٿو. رشيد ڀٽيءَ جي عام موضوعن ۾ عام ماڻهن جي زندگيءَ





جي تصوير ملي ٿي. سندس لکت ۾ انساني شعور ۽ زندگيءَ جي تصوير موجود آهي.

## حوالا


١. بروهي، علي احمد ، ١٩٨٢ع، ’ڄام ڄاموٽ ۽ ڄامڙا‘ ، هلال پاڪستان، ڪراچي سنڌ ، ص: ۴.

٢. بروهي، حليم ، ١٩٧٥ع ’مجموعو‘ ، ڪهاڻي ’الله جي ڳولا ۾‘ ، حيدرآباد سنڌ، صفحو: ١.

٣. ڀٽي رشيد ، ١٩٨٥ع، ’سياري جي رات ‘ مهاڳ- علي احمد بروهي- شهباز پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ - ص: ١١.

۴. ڀٽي رشيد، ١٩٨٥ع، ’اوياريون لهواريون ‘ - مهاڳ (نجم عباسي) - سنڌي ادب اڪيڊمي، حيدرآباد- ص: ٧.

۵. ڀٽي رشيد، ١٩٨٥ع ، ’ديس ستا دل وارا جاڳيا‘ (ڪهاڻيون) - سنڌي ادب اڪيڊمي، حيدرآباد، سنڌ- ص: ٧.

٦. ڀٽي رشيد، ١٩٨٥ع، ’سياري جي رات‘ ، (مزاحيہ ڪهاڻيون)- شهباز پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ - ص: ٧٢- ٧٣.

٧. ايضًا : ص: ١٧.

٨. ايضًا : ص: ١٧- ١٨.

٩. ايضًا : ص: ٢۴- ٢۵.

١٠. ايضًا : ص: ٢٩.

١١. ڀٽي رشيد . ٢۵ جنوري ١٩٧۵ع، ’ابو مئو ادو ڄائو، اسين اوتري جا اوترا!‘ - (ڪالم) - روزاني ’هلال پاڪستان‘ ڪراچي سنڌ.

١٢. ڀٽي رشيد : ’ڳائيندي تسان پئي او.. منهن ڪارا اساڏا ٿيندا پئي اي !‘، (ڪالم) - ١٩٧۵ع - روزاني ’هلال پاڪستان‘ ڪراچي سنڌ.

١٣. ساڳيو.

١۴. ڀٽي رشيد، ١٩٨۵ع، ’سياري جي رات ‘مهاڳ- علي احمد بروهي- شهباز پبليڪيشن، حيدرآباد. سنڌ- ص: ١٣.

١۵. ڀٽي رشيد، ١٩٩۵ع ، ’گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ، عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد. سنڌ، ص: ١٣.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair